# ڪير واران جانورن جا نسل

## ساهيوال ڳئون



هي نسل پنجاب صوبي جي ضلعن ساهيوال، اوڪاڙا، ملتان، فيصل آباد ۽ ٽوبہ ٽيڪ سنگھ ۾ ملي ٿي - اها پنهجي منفرد خاصيتن يعني پيداواري صلاحيت، شديد موسمي اثرن جي خلاف قوت برداشت، چچڙن ۽ وچڙندڙ بيمارين جي خلاف مدافعت جي بناءَ تي سڄي دنيا ۾ مقبول آهي انهي جي مخصوص ڳاڙهي جسماني رنگت، وڏو دهن، واضح ٿوهو ۽ ويڪري تھ دار تھ جهالر امتيازي خصوصيتون آهن جڏهن تہ ڪير ڏيڻ واري عرصي ۾ ڪير جي سراسري پيداوار 2000 ليٽر آهي

## چولستاني ڳئون



هي نسل ضلع بهاولپور، رحيم يارخان ۽ خاص ڪري چولستان ۾ ملي ٿي - چولستاني ڳئون اڇي چمڙي جي مٿا ن بهورا، ڳاڙها ۽ ڪارن نشانن جي ڪري منفرد هوندي آهي عام طور تي ننڍو مٿو، وچولو لٽڪيل ڪن، ڍري چمڙي، وزني پڪڙيل جهالر، لڙڪيل ڌن واضع ٿوهو ۽ ڪارا ڳرانهي جون امتيازي خاصيتون آهن جڏهن تہ ڪير ڏيڻ واري عرصي ۾ ڪير جي سراسري پيداوار 2000ليٽر آهي -

## ڳاڙهي مليري ڳئون



هي نسل صوبي سنڌ ۾ ڪراچي جي ڪجھ حصن ٺٽو ،دادو ،حيدرآباد کان سواءِ صوبہ بلوچستان جي ضلع لسبيلا ۾ ملي ٿي - اها نسل شديد گرمي کي برداشت ڪرڻ کان سواءِ چچڙن ۽ مختلف بيمارين جي خلاف قوت مدافعت رکندي آهي - انهي جو رنگ ساهيوال ڳئون جي نسبت وڌيڪ ڳاڙهو هوندو آهي - وچولو قد، مضبوط جسم، وڏو مٿو، ننڍا ڪن ۽ سنهي ڇڳي دار پڇ انهي جون امتيازي خاصيتون آهن جڏهن تہ ڪير واري عرصي ۾ ڪير جي پيداوار 2000 ليٽر آهي -

## ٻسر نسل جي ڳئون



مختلف نسلن جي گڏيل ميلاپ سان پيدا ٿيڻ واري نسل ڪراس يا ٻسر نسل چورائيندي آهي . ولائتي نسل جي ڳئون ۾ وڏيڪ کير ڏيڻ جي صلاحيت هوندي آهي . جڏهن ته ديسي ڳئون ۾ مختلف بيمارين جي خلاف قوت مدافعت ۽ شديد موسمي ڏياءُ کي برداشت ڪرڻ جي صلاحيت به موجود هوندي آهي انهي ڪري ٻسر نسل، ولائتي ۽ ديسي ٻنهي جي امتيازي خصوصيتن جو مجموعو چوندا آهن . انهن جي ڪا مخصوص جسماني رنگت نہ هوندي آهي . وڏي مخروطي جسامت غير نمايان ٿوهو ڊگهي ڇڄي دار پڇ سان گڏوگڏ جهالر ۽ ڏن ديسي جانورن جي نسبت تمام ننڍو هوندو آهي جڏهن ته کير واري عرصي ۾ کير جي سراسري پيداوار 2700 ليٽر آهي .

## نيلي راوي مينهن



نيلي راوي مينهن جو آبائي تعلق صوبہ پنجاب جي ضلعن لاهور،اوڪاڑا، پاڪپتن،شيخوپوره، فيصل آباد، ساهيوال، بهاولپور ۽ بهاولنگر سان آهي . انهن جو رنگ گهٽو ڪري ڪارو پر ڪجھ جانور ڀوري رنگ جا به هوندا آهن . انهي نسل ۾ گهٽو ڪري پيشاني، چهرو ،ڏاڙهي، پڇ ۽ ٽنگن جي هيٺ واري حصي تي اڇا نشان هوندا آهن جنهن جي ڪري انهي کي پنج ڪلياڻ چيو ويندو آهي . انهي جا سنگ عام طور تي ننڍا ۽ مڙيل گول هوندا آهن جڏهن ته ڪجھ جانورن جا سنگ سڌا هيٺيان جي طرف جهڪيل هوندا آهن . جڏهن ته کير واري عرصي ۾ کير جي سراسري پيداوار 2400 ليٽر آهي .

## ڪنڊي مينهن



هن نسل جو تعلق صوبي سنڌ جي ضلعن دادو، سکر، حيدرآباد، بدين، ڪراچي، لاڙ ڪاڻو، نواب شاهہ، سانگهڙ ۽ ٺٽو کان سواءِ بلوچستان جي ڪجھ ضلعن سان آهي . انهي مينهن جا سنگ هڪدار ۽ اندرين طرف مڙيل هوندا آهن جنهن ڪري انهن کي ڪنڊي مينهن چيو ويندو آهي . وڏيڪ عرصي تائين کير ڏيڻ انهي جي منفرد خصوصيت آهي . انهي جي سڊول مخروطي جسامت ،ننڍي ڳچي، جسماني رنگ مڪمل ڪارو ۽ مزاج ڪجھ سخت هوندو آهي جڏهن ته کير واري عرصي ۾ کير جي سراسري پيداوار 2300 ليٽر آهي .


اي ايس ايل پي، ڊيري پراجيڪٽ يونيورسٽي آف ويٽرنري اينڊ اينيمل سائنسز لاهور.
فون: 042-37212339 ويب سائٽ:www.aslpdairy.pk


Australian AID
Charles Sturt University

# کير وارن جانورن جي خريداري جي لاءِ تجويزون



- جانورن جي چونڊ جي وقت انهن جي مالڪ يا واپاري جي مهيا ڪندڙ معلومات ڪي خاطر ۾ آڻي بغير ذاتي مفادن ڪي نظر ۾ رکڻ انتهائي ضروري آهي

- کير وارا جانور متعلقہ ذريعن يا ڏيري فارم ڪان خريد ڪرڻ جي صورت ۾ انهن جي ابن ڏاڏن، عمر، پيداوار، ڦر ڏيڻ جي تاريخ ۽ بچاءَ جي ٽڪن وغيره جي ڪورس جو مڪمل ريڪارڊ وٺڻ انتهائي ضروري آهي .

- جانور وٺڻ وقت انهن جي پيداواري خاصيتن سان گڏ ڏسڻ، ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ جي صلاحيتن ڪي بہ بغور مشاهدو ڪرڻ بہ ضروري آهي .



- چست، بهتر جسماني ڪيفيت ۽ خوراڪ جي طرف ڀرپور شوق سان پيٽ ڀري ڪري کائڻ جي عادي جانور ڪي هميشہ ترجيع ڏيو



- جانورن جي چمڙي چمڪدار هجڻ سان گڏوگڏ انهن جي مخصوص نسلي رنگ ۾ مڪمل هڪ جهڙائي هجڻ گهرجي . سڄي جسم تي ڌڳهن وارن جو هجڻ ۽ اونهاري ۾ جانور جو سهڪڻ ماضي ۾ انهي جي ساماڙو سان متاثر ٿيڻ جي نشاندهي ڪري ٿو .



- ڏيري فارمر هميشہ بغير سنگ وارين ڳئون ڪي پسند ڪندا آهن ۽ اهڙن جانورن جي قيمت بہ وڌيڪ هوندي آهي . سنگن جي موجودگي جانورن جي پرورش ۾ لاعلميءَ غير ذميدار رويي ڪي ظاهر ڪندي آهي .



- گھڻو ڪري واپاري پڙين ۾ وڏيڪ عرصي واري ويامل جانور کي تازو ويامل ڏاهي وڪڻڻ جي ڪوشش ڪندا آهن انهن ڪري ڊيري فارمر کي تازي ويامل جانور جي تمام علامتن مثالطور اوهه، ٿڻن ۽ انهي سان لاڳاپيل حصن جي سوڄ، پڇن جو ڍرو هجڻ، پوئين حصي تي رت جا نشان ۽ ويامل جانور جي 3 کان 4 ڏينهن جي پس جي هجن جو بخوبي اندازو هجڻ گهرجي .



- پڙين ۾ کير وارن جانورن کي تازو ويامل ظاهر ڪرڻ جي لاءِ ڪنهن ٻئي جانور جو ڦر لڳائڻ جي روايت بہ عام آهي انهي ڪري ماءُ جي اصلي ڦر جي شناخت لاءِ انهي ٻنهي جي ظاهري ۽ نسلي خاصيتن ۾ هڪجهڙائي کي جانچڻ جو هنر اچڻ گهرجي .



- نندين ڦرن جي عمر جو اندازو ان جي ڏن، چمڙي، سنگن ۽ ٻين ظاهري ۽ جسماني بناوٽ سان باآساني لڳائي سگهجي ٿو .



- جانور کي وڪڻڻ وقت واپاري کير جي پيداوار جي متلعق هميشہ وڌاءُ سان ڪم وٺندا آهن انهن ڪري انهن جي بيان ڪيل معلومات تي هر گز ڪن نہ ڏيو بلڪہ جانور جو مڪمل کير ڏوهڻ سان بعد گهٽ ۾ گهٽ وڏيڪ بہ دفعہ کير ڏوهڻ سان انهن جي پيداواري صلاحيت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو .



- کير وارن جانورن کي خريد ڪندي وقت انهن جي ٿڻن ۽ اوهہ سان وابستہ سڀ کان وڏيڪ دوکي جو سبب بڻجي ٿو انهن ڪري کير ڏوهڻ جي دوران سٺي طرح تصديق ڪيو تہ جيئن جانورن ۾ ٿڻن يا انهي سان متعلق پيچيدگي کا ن مڪمل طور تي پاڪ آهي .

- ڏڪين جانورن کي هميشہ ماهر ويٽرنري ڊاڪٽر کان ڏڪپڻ جي جانچ ڪرايو انهن کان سواءِ کير وارن جانورن وانگر انهن ۾ ٿڻ ۽ اوهہ سان متعلقہ پيچدگين جو مڪمل معائنو ڪرائڻ انتهائي ضروري آهي



- جانور خريد ڪرڻ وقت انهي جي رويي کي جانچڻ انتهائي ضروي آهي ڇو تہ جانور جي وڙهڻ واري رويي وارن جانورن ۾ کير جي ڏوهائي، ڦر سان لڳاءُ ۽ ٻين انتظامي ڪمن جي مسئلن جو سبب بڻجڻ ٿا

## سنڌ ۾ جانورن جي مختلف پڙين جي معلومات هيٺ ڏنل آهن

| سيريل نمبر | جڳھ | تاريخ / ڏينهن |
|---|---|---|
| 1- | ميرپور ساڪرو (ٺٽو) | اڱارو |
| 2- | چوهڙ جمالي | اڱارو |
| 3- | ٺٽو | خميس |
| 4- | تلهار | ڇنڇر |
| 5- | گولارچي | سومر |
| 6- | ٽنڊوسائينداد (ٽنڊومحمدخان) | آچر |
| 7- | حيدر آباد | اربع |
| 8- | هالا | سومر |
| 9- | ٽنڊوالهيار | اربع |
| 10- | چمبڙ | اڱارو |
| 11- | ٽنڊو آدم | ڇنڇر |
| 12- | ملير (ڪراچي) | سومر ۽ اڱارو |

Charles Sturt University
Australian AID
اي ايس ايل پي، ڊيري پراجيڪٽ يونيورسٽي آف ويٽرنري اينڊ اينيمل سائنسز لاهور.
فون: 042-37212339 ويب سائٽ:www.aslpdairy.pk

